

گِيت وِرَهيِ دِل جا



پوجنيه دادا جشن واسواڻي



ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج



گايڪ : ڊاڪٽر ديال 'آشا'

گيت ورهي دل جا

۽

نارد پڳني سونر

— رچيتا —

ڊاڪٽر ديال ڪوتوهل ڏاهيجا "آشا"

(پرنسيپال)

شريمتي چاندي بائي همت مل منسڪاڻي ڪاليج

الهاس نگر - ٣

قيمت : چار روپيا]　　　　[پهريون ڇاپو : نومبر ١٩٩٣

— پرڪاشڪ —

پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي

ڪڏهين ايندين برج بهاري

ڪڏهن درشن ڏيندين مراري،
مان برهه جي ماري ماري!

١. روئي روئي رات گذاريان،
تولهه ڪرشن ويٺي نهاريان،
طلب نه بي ڪا تات اندر ۾،
پسان توکي مان هڪڙاري،
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري.

٢. من مندر ۾ توکي ڌيايان،
لڙڪن جي مالها توکي پايان،
پياس ۾ ويٺي آءٌ پڪاريان،
ڪر پنهنجو مونکي بهاري،
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري.

٣. جيون جيوتي ويندي وسامي،
تڏهن تون ايندين ڇا تون سوامي.
ملندءِ منهنجي ڀسم پوءِ توکي،
ويندين موٽي تون گرڌاري،
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري.

٤. تنهنجي سڪ جي سمرٽي سوريان،
اڄ تون توسان حال مان اوريان،
سڪيون سڏڪا ڀيٽ ٿي منهنجي،
"آشا" تو بن آ دکياري!
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري.

ساد ر سمرپت

پرم پوڄنيه برهملين

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن

۽

پوڄنيه دادا جشن واسواڻي

جي

ڪمل چرنن ۾

ديال ”آشا“

گرو گهر ۾ آيا

گرو گهر ۾ آيا ڀلا ڀاڳ پانيان،
جن لءِ ورهين کان واٽون واجهايان - گرو گهر ۾...

١. ڏسي جن کي منهنجون اکڙيون ٺرن ٺيون،
عطر ۽ عنبير جي ورکا وسايان - گرو گهر ۾...

٢. حب جي هندوري تن کي ويهاري،
لوڏي لوڏي تن کي لوڏايان - گرو گهر ۾...

٣. آهن هزارن دلين جا تہ راڻا،
مٽي تن جي چرنن مستڪ لڳايان - گرو گهر ۾...

٤. جن جي نيڻن ۾ نُور آ نوُراني،
صورت انهن جي سيني سمايان - گرو گهر ۾...

٥. ستگر سونهارا آئي سک جا ساگر،
پري پل بہ تن کان رهڻ ڪين چاهيان - گرو گهر ۾...

٦. رڳن جو رباب "آشا" وڄائي
اُنئي پهر تن جا گڻ گيت ڳايان - گرو گهر ۾...

اَکڙيون سکن ٿيون

جيجل جوڳين لءِ اکڙيون سکن ٿيون،
اکڙيون سکن ٿيون، رويو رئن ٿيون.

۱. اَٺئي پهر جن کي ساريان اَندر ۾،
ساريندي جن کي اَکڙيون ٽمن ٿيون.

۲. من ۾ مچايو محبت جو مچ جن،
تن جي وره ۾ دونهيون دکن ٿيون.

۳. سپني ۾ ساجن کيون روح رهاڻيون،
جاڳندي به پل پل ياد سي پون ٿيون.

۴. پريتم سواءِ پيو مان کين چاهيان،
دنيا جون چيزون نه مونکي وڻن ٿيون.

۵. آهن اُميدون اَگهڻ اوس ايندا،
ڏسي جن کي "آشا" اَکڙيون ٺرن ٿيون.

پريتم منهنجو آيو!

پريتم منهنجو آيو آيو!
گيت خوشيءَ جا ڳايو ڳايو.

(١)

سفر ڪري آيو سيلاني،
راهه ڏيکاري آيو روحاني،
پريمين کي جنهن نام جپايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

(٢)

تتل دلين کي ٺاري ٺاري،
آيو تن کي امرت پيئاري،
هار گلن جا پايو پايو!
ستگر منهنجو آيو آيو!

(٣)

پيار ديا جو ڀنڊار آ سوامي،
ڪرم يوگي سنت آ نشڪامي،
نام سان نينهن جنهن ته لڳايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

(٤)

”آشا“ جي اکڙين جو تارو،
آهي لکن دلين جو سهارو،
درشن سان تي جنم سجايو،
ستگر منهنجو آيو آيو.

منهنجو ستگر

منهنجو ستگر ديــن ديـالــوُ آ،
جو نام جو جاپ جپائي ٿو.

ڪڏهن چوراسيءَ جي چڪر منجهان،
هوُ جيون مڪت بڻائي ٿو.

١. دنيا جي درياه ۾ ٽٽي ڪشتي ٻڏي،
گرو ڪشتي پار لڳائي ٿو، منهنجو ستگر...

٢. اگيان جــي اونــده ڏاڍي آ،
گرو گيان جي راه ٻڌائي ٿو، منهنجو ستگر...

٣. ڪنهن کي تن جو دک ڪنهن کي من جو دک،
گرو دکڙا سڀئي مٽائـي ٿو، منهنجو ستگر...

٤. مـايـا جــو آورڻ دور ڪري،
گرو ساکي روپ پسائي ٿو، منهنجو ستگر...

٥. ڪام ڪروڌ موه جي بـاهه منجهان،
گرو "آشا" اڇي بچائي ٿو، منهنجو ستگر...

پريتم اَچا نہ آئين

پريتم اَچا نہ آئين، تنهنجو انتظار آهي،
توکي پسڻ لئہ دلڙي ڏاڍي بيقرار آهي.

سوارٿ جو سنيهه مونکي مڙني ڏنو مٺا آ،
پر تو جهڙو نہ مونکي ڏنو ڪنهن بہ پيار آهي.

ساگر تون پريم جو مان بس بُوند لاءِ پياسي،
ڪر پياس پوري پريتم تنهنجي اَختيار آهي.

مصريءَ کان وڌ مٺو تون، آهين نرم مکڻ کان،
آهين پرم پوتر مون ۾ وڪار آهي.

تنهنجي آمد تي جانب دل جو ڪنوَل تہ ٽڙندو،
آهين جتي تون دلبر خزان ۾ بهار آهي.

عيبن ۾ مان اُگهاڙي ڍولڻ تي تون ڍڪج مون،
تنهنجو نالو پوشيده پرسڌ ستار آهي.

دنيا جون چاهنائون هرگز نہ تينديون پوريون،
"آشا" تنهنجي قرب جو بس طلبگار آهي.

جوڻي پريت

جوڻي جڳ جي پريت،
سوارٿ جو هر ميت.

١. جن پريمين کي پنهنجو ڄاڻي،
موڙها من تن مان ڇا پاڻي،
آئين اڪيلو، ويندين اڪيلو،
آهي جڳ جي اِها ريت،
جوڻي جڳ جي پريت.

٢. جنهن تي تون آهين ديوانو،
سا دنيا آ مسافرخانو!
رهيو نہ ڪوئي اسٿت هتڙي،
جڳت جي اِها ريت،
جوڻي جڳ جي پريت،

٣. اَنب پوکيندين اَنب پائيندين،
اَڪ پوکيندين اَڪ کائيندين،
ڪرمن جو ڦل هرڪو پوڳي،
"آشا" قدرت جي هيءَ نيت،
جوڻي جڳ جي پريت.

رام نام جي سمرتي

رام نام جي سمرتي سوري،
ٻگڙيل ڀاڳ ٺهاءِ ٻندا!
ٻگڙيل ڀاڳ ٺهاءِ ٻندا،
تون لنؤ لالڻ سان لاءِ ٻندا!

١. دنيا جي وهنوار ۾ الجهي،
عمر اجائي وڃائي تو،
سنتن ستپرشن جي سنگ ۾،
سؤدو سچو ڪماءِ ٻندا!

٢. بي قدرا تو ڪين قدر ڪيو،
پرڀوءَ جي سؤغات سندو،
هيرن جهڙي مانک ديهي،
گپڙ ۾ لـــ گنواءِ ٻندا!

٣. اونده ۾ تو ڀٽڪي ڀٽڪي،
ڪيئي جوُٽيون ڀوڳيون تو،
شرن وٺي ستگر جي پيارا،
گيان جي جوت جڳاءِ ٻندا!

٤. دنيا ساري مطلب جي آ،
ڪنهن نه وٺيو نه وٺندين تون،
هت هت ساٿي جيڪو توسان،
تنهن سان نينهن لڳاءِ ٻندا!

ستگر ياد پون

مونکي ستگر ياد پون،
منهنجا مرشد جلد ملن.
ڪريان ياد سدا جن کي،
سي موٽي ماڳ اچن! مونکي ستگر...

۱. ويني تن کي مان ساريان،
ڪندي ياد هنجون هاريان،
ڏيان ڌيرج دل کي مان،
ته ٻه ٻُوندون ٻس نه ڪن. مونکي ستگر...

۲. منهنجي دل کي هُو ڄاڻن،
منهنجو سنيهه آهي ساڻن،
ڪيڏو دور هوندي دلبر،
منهنجي ڪئن ٿا سار لهن. مونکي ستگر...

۳. منهنجا روحاني راڻا،
سڀي سد سد نماڻا،
ڪريان سندن جڏهن تصور،
جهٽ سڪ جا لڙڪ لڙن. مونکي ستگر...

۴. پنهنجو پيار پيئارين ٿا،
دليون تتل سي ٺارين ٿا،
"آشا" پريم جو سي اوتار،
ڏسي تن کي نيڻ ٺرن. مونکي ستگر...

سنتن تان بلهار

سنتن تان بلهار وڃان مان،
سنتن تان بلهار.

۱. هٿ پي جڳ ڪن هٿ پي جڳ ڪن،
جت ڪٿ جڳڪار، اُهڙن سنتن...

۲. سنيهه نمرتا جي سي مورت،
ڏين سڀني کي پيار، اُهڙن سنتن...

۳. اَگيانين ڪـــي ڏئـــي هـــوُ،
کـولين موکيه دوار، اُهڙن سنتن...

۴. پرڀوءَ جو اَوتار اَٿـــي سي،
ڪن سڀني جو اُڌار، اُهڙن سنتن...

. جيڪو اَچي تو شرن انهن جي،
ڪن تنهن جو بيڙو پار، اُهڙن سنتن...

. ڪروڌ نه جن ۾ لوڀ نه جن ۾،
ڪوئي ڪونه وڪار، اُهڙن سنتن...

. "آشا" تن جو سدا آڀـــاري،
پائي حب جا هار، اُهڙن سنتن...

٥. جيڪي چمڪي سون نہ ڄاڻج،
سڀني کي سڀنو تون ڄاڻ،
"آشا" درشنا ٿي رہ جڳ ۾،
نام هريءَ جو ڳاءِ ٻندا!

ٻيت

(١)

اَهڙي اکين کي اَڄ جو ڀاپي ڏاپن ڪينڪي،
ري سڄڻين جي سڄ سرتيون هن سنسار ۾.

(٢)

روئندي راتيون گذرن ڏکندي منهنجا ڏينهن،
ٻنا مند جي مينهن ٿـــا سدا وسن سڄڻين.

(٣)

آءٌ ساڄن منهنجا سڄڻين توکي ساري منهنجو ساهه،
آءٌ ويٺي اکيون وڇايان تو لاءِ سنجهه صباح،
اُتم اميدون الله ۾ توکي آڻيندو تہ الله،
ڪج نينهن ڀري نگاهه، اَچي مون مسڪين تي.

سندر سکيائون

پرڀوءَ جا گڻ ڳايو،
مانش جيون سڦل بڻايو.
من مندر ۾ موهن سراجي،
تنهن جو ڌيان ڌيايو.
مانش ديهي اُتم ديهي،
نام سان پيارا نينهن لڳايو.
سڀ ۾ سائين وياپڪ آهي،
ڪنهن به ڪنهنکي ڪين ستايو.
پکي پسُون سنتان پرڀوءَ جي،
تن کي لقمو ڪين بڻايو.
جهڙو اَن تهڙو مَن آ،
ساتوڪ ڀوڄن کائو کارايو.
روز وڃي ستسنگ ۾ پيارا،
سنتن جو شڀ درشن پايو.
وچن ٻڌي ستگر سنتن جا،
هيئين پنهنجي منجهه هنڊايو.
نياڻيون نير وهائن وينيون،
ڏاتيءَ ليتيءَ ونسل وهايو.
دل ۾ ڌاريو پيار ۽ ڪروڻا،
سياڻا سمجهُو آهيو!

منهنجا محبوب

منهنجا محب منٺڙا اڃا ڪين آئين،
ايڏي دير دلبر تون ڇو ٿو لڳائين؟

روئي روئي راتا مان توکي پڪاريان،
مان دم دم دلبر پئي توکي ساريان.

آهيان تنهنجي راڻا، رکين دور ڇو ٿو؟
مان تنهنجي سڪايل، تون ويتر سڪائين!

ڪڏهن قرب وارا اڱڻ منهنجي ايندين؟
اچي مون پياسيءَ کي ديدار ڏيندين.

وره ۾ لڇان ٿي، نه ٻيو ڪجهه ڪيان ٿي!
تنهنجي پار جا ويٺي پانڌي پڇان ٿي.

تون ئي درد دکڙا منهنجا مٽائين،
نه ڏر ساڻ ناتو اچي شل نڀائين.

”آشا“ وصل جي ٿي مونکي جيئاري،
تڳان ٿي پيارل مان تنهنجي پناري.

سنگرن کي ساريان

روئي روئي هنجون مان هاريان،
ويٺي توکي سڄڻ مان ساريان.

١. منهنجي اکڙين کي نه آرام آ،
ويٺي وات مان تنهنجي نهاريان، روئي...

٢. ورهين جو هي آهه وڇوڙو،
آءٌ گوندر ۾ تو ــــ گذاريان، روئي...

٣. دنيوي لطف بي لطف لڳن ٿا،
ڪيئن گهوٽ بنا مان گهاريان، روئي...

٤. تون ئي منهنجي سر جو سائين،
توتان سنگر سڀ ڪجهه واريان، روئي...

٥. "آشا" اٿم تون ايندين اڱڻ ۾،
ويٺي باهه برهه جي مان ٻاريان، روئي...

مٺڙا ٻول ٻولي ٻولي،
سڀ کي سکي ڪيو سک جي چاهيو.

مايا مالڪ جي آ امانت،
دان پنج ۾ سڦلي بڻايو.

سچ تي صاحب راضي آهي،
سچ ڳالهايو سچ ورتايو.

گائيون گوبند جون تو پياريون،
تن جي رج مستڪ تي لايو.

مسڪين جي شيوا ڪريو،
هار حليمي پايو پايو.

سمرڻ سان تين سواس سجايا،
سواس املڪ ڪين وڃايو.

سرتي شبد سان جوڙي جوڙي،
آتم آنند پايو پايو.

قرباني جو جذبو ڌاري،
ديش ڌرم سان پيارا نڀاهيو.

جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي،
ٻين کي سکي ڪيو سک جي چاهيو.

ٻرو ڀلي کو، ڀلو ڀلي کو،
"آشا" سڀ سان پيار ڀلايو.

راس ڪندو ڪم پاڻ

منهنجا راس ڪندو ڪم پاڻ،
اَديون آهيان آءٌ اَڻڄاڻ.

١. سد سد آهي هُو ڪرپالُو،
مهروان آ ڏين ڏيالُو،
ٻري نہ پريتم آهي منهنجو،
مون سان آهي سدائين ساڻ، منهنجا راس...

٢. صدق رکي جنهن مهل پڪاريان،
ورهہ ۾ وينجي هنجون هاريان،
لڙڪ اُگهي ڪيئن پيار ڪري ٿو،
لهي سار سڄڻ ٿو پاڻ، منهنجو راس...

٣. جيڪي ڪري ٿو تنهن ۾ چڱائي،
هر رچنا ۾ رکيل ڀلائي،
راز نہ سمجهي لوڪ اَياڻو،
آهي سندس منديل مانداڻ، منهنجا راس...

٤. هار ڀي اُن جي جيت ڀي اُن جي،
غم ڀي اُن جو خوشي ڀي هن جي،
ڪين ٻُڌليو من تو سمجهي،
آهي ويرت هيءَ چڪناڻ، منهنجا راس...

سڄڻ توکي ساريان

سڄڻ توکي ساريان،
اکين ۾ وهاريان،
اکين ۾ وهاريان، اندر ۾ پنهنجو ناريان، سڄڻ...

١. ڪري ياد توکي ٿي دلڙي نماڻي،
تنهنجي وره ۾ ڏاڍي ويڳاڻي،
اَچج تون اڱڻ ۾ هنجون ويٺي هاريان، سڄڻ...

٢. سواءِ تنهنجي ساجن ٻيو نا وسيلو،
نڌر مان نٻل مان هلي ڪين حيلو،
نظر مهر جي ڪر توکي پڪاريان، سڄڻ...

٣. چمان چرڻ تنهنجا ڇاتيءَ ڇپائين،
"آشا" جي عرضي پريتم اگهائين،
ستگر سونهارا سڀ توتان واريان، سڄڻ...

منهنجا سپرين

سڄڻ منهنجا سپرين تون وينءِ وساري!
مان پرينءَ ته آهيان تنهنجي بس پناري.

وره ۾ ويڳاڻي هنجون ويٺي هاريان،
اَنڌي ٻهر توکي مان ستگر سنڀاريان.

ڪڏهن ايندين جانب مان واٽون نهاريان،
ڪريان انتظاري مان ڏينهن رات ساريان.

ويا ماهه گذري نه خط تنهنجو آيو،
خطا ڪا ته منهنجي جو منهڙو مٽايو.

خطا بخش آهين، تون منٺار آهين،
اُڳهي ڪير آسون تون دلدار آهين.

آهين حال محرم ڪنهن سان حال اوريان،
دنيا کي ڇڏي پاڻ توتان مان گهوريان.

سواءِ تنهنجي جانب جڏو جيءُ آهي،
وره جو پکيڙو ”آشا“ گيت ڳائي.

٥. ڪين ڏسي تو منهنجون ڪچايون،
معاف ڪري تو منهنجون مدايون،
ڍولڻ تـــي ڍڪي عيب اَسان جا،
آهـــي سڄڻ ستار سچاڻ، منهنجا راس...

بيت

وعظ ڪن وحدت جا غير اَنـدر ڌارين،
من کـي نا مارين هوڪا ڏين حق جا.

هوڪا ڏيـــن حق جا، حق نہ سڃاڻين،
جي پاڻ نہ پڇاڻين، تن کهڙي ڪل اَلله جي.

تن کهڙي ڪل اَلله جي سڌون ڪن سڌڙيا،
جي مايا منجھہ اَڙيا سي نہ مليا محبوب سان.

مليا ڪين محبوب کي جي ڪبر ڪارون ڪن،
ميهار جنين من سي بدا ترڻ پار پيا.

منهنجا پرينءَ! منهنجا سنگر!

منهنجا پرينءَ! منهنجا سنگر
اَوهان کي نت سنڀاريان ٿو،
سنڀاريندي سنڀاريندي سڄڻ
هنجون مان هاريان ٿــو.
اَوهان جو پيار ٻيءَ پيءَ مان
پيارل ڪين ڏاڍيس مـان،
ٻيڻ سان پياس وڌندي وئي
ڏنـــل تنهنجو پياريان ٿو.
اڪين جـــي اڄ الاهي آ
ٻسڻ سان ٻيءَ نه ٿي پوري،
ڪٽي آليون اکيون سنگر مان
ور ور پيو نهاريـــان ٿو.
اَوهان بن ڪير ٻيو منهنجو
لهي سڌ سار جو سڄڻان؟
سٺي ٻــي ساريان ساجن
مان پل پل پيو پڪاريان ٿو.
عنايت جو آهيان ڪانڪي
نه "آشا" ٻي رهي ڪائي،
ڪندي ڪم ڪار دنيا جا
مان تن من ۾ ٿڌواريان ٿو.

آيا منهنجا سنگر

آيا منهنجا سنگر ڀلا ڀاڳ ڀانيان،
ڀلا ڀاڳ ڀانيان مان خوشيون منايان،
ڪري جن جو درشن ٿئي من تو ڀرسن،
وارون وار داسي ٿي سرڙو نمايان، آيا منهنجا..

رهن دور ڪيڏو نه دل کان پري سي،
منهنجا ساه ساجن، گهوري سڀ گهمايان،
آيا منهنجا..

هو ڀڳتيءَ ۽ شڪتيءَ جا ڀنڊار آهن،
پٺي تن جي انجن اکين ۾ مان پايان،
آيا منهنجا..

هو گياني هو ڌياني سچا تي سيلاني،
هو تياڳي تپسوي سندن ڌيان ڌيايان،
آيا منهنجا..

ديا جي درشتي هو ڪن تا سڀن تي،
ڏين پيار سڀ کي سندن گيت ڳايان،
آيا منهنجا..

"آشا" تي عنايت سدا آهي جن جي،
آخر تائين تن سان مان نينهڙو نڀايان،
آيا منهنجا..

سنت شرومڻي ساڌو واسواڻي

دادا ساڌو واسواڻي تون آتمڪ روشنمنار.
سنت شرومڻي سنڌ جا پرڻام توکي وار وار.
گياني ڌياني برهمچاري پڻ سڌارڪ فيلسوف،
نُور نُوراني نيڻن ۾ پيشاني تنهنجي جلويدار.
ون رشي تياڳي تپسوي سنيهه جي صورت هئين،
نياز نوڙت سادگي ۽ گيان جو هئين تون ڀنڊار.
بواهن جا لڙڪ اُگهيا ۽ پيار تو تن کي ڏنا،
ون هئين هيڻن جو حامي ۽ غريبن جو مددگار.
اميريءَ کي ڇڏي پاتو فقيريءَ جو لباس،
ب جي ڪفني تو پاتي ميران وانگر قربدار.
رير ۽ تحرير تنهنجيءَ ۾ عجب تاثير هو،
ج ڪونيءَ جو ڪوي ۽ سچو تون ساهتڪار.
نڌ جو ٺڪور هئين ۽ سنڌ جو تون چيتنيه،
ڏنا ڀڳتيءَ سان تـو ڪيو ساکيتڪار.
ان ڀڳتي ڪرم جو هو تنهنجي جيون ۾ سنگم،
ت محبت جا هئا تو وٽ عشق ٻرهه جا انبار.
نجي واڻي گنگا جل جيان انتهڪرڻ سيتل ڪري،
ڙهي شرڌا رکي تنهنجو ڪيو ٿي بيڙو پار.

سڄڻ شال ايندا

سڄڻ شال ايندا پريسن شال ايندا،
پرين جي اچڻ سان دک دور ٿيندا.

(١)

اَنگي پهر جن کي اَندر ۾ مان ساريان،
ساريندي ساريندي هنجون ويٺي هاريان،
سڄڻ شال ايندا نذر کي تہ نيندا، سڄڻ...

(٢)

آهن منهنجا راڻا سڄڻ سونهن وارا،
سدا ساهہ سيباڻا اکين جا سي تارا،
عنايت ڪندا سي اَديون جلد ورندا، سڄڻ...

(٣)

سواءِ تن جي منهنجو نہ واهر وسيلو،
مان بيوس اياڻو هلي ڪين حيلو،
نبل آهيان "آشا" اچي سي جهپيندا، سڄڻ...

سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي

وديش ياترا وقت

سفر تي وڃن ٿا سوامي جن سيلاني،
سوامي جن سيلاني، گرو برهم گياني.

[١]

ڪري سڀ سک سان ايندا منهنجا ستگر،
ڪياٿون راهه روشن آهن منهنجا دلبر،
ٻڌائن سدائين ٿا رمزون روحاني،
سفر تي وڃن ٿا سوامي جن سيلاني.

[٢]

ڏين پريم سڀ کي آهن پريم اوتار،
ڏين گيان سڀ کي آهن گيان گلزار،
ڏياني گياني سوامي جن وگياني،
سفر تي وڃن ٿا سوامي جن سيلاني.

[٣]

ايندا مصب منهنجا خير سان موٽي،
پيئار ڍندا "آشا" اڇي پريم لوٽي،
ديالو ڪرپالو آهن منهنجا جاني،
سفر تي وڃن ٿا سوامي جن سيلاني.

شلق ۾ خالق پسي تو خلق جي خدمت ڪئي،
اڄ سڄي سنسار ۾ تنهنجو منا آ ناماچار.
جنم ڏن تنهنجو ملهايون سڀ ڪ ۽ شرڌا سان اسين،
تنهنجو وارث ”انجلي“ ”آشا“ ڏئي سڀ کي پيار.

تنهنجو ڌيان

تنهنجو ئــي پريو مونکي ڌيان رهي،
تنهنجو ئـي سدا مونکي گيان رهي.

هڪ پل به نه توکان دور رهان،
تنهنجي نـــ جدائـي مور سهان.

پنهنجي آنسن سان تنهنجا چرڻ ڌوئان،
تنهنجي پياس ۾ پريتم پيو روئان.

پڪ آهـــي اوس درشن ڏيندين،
انگ سنگ تون مونسان سهاء ٿيندين.

نڪي هار کپي نه سينگار کپي،
مـــونکي پريو تنهنجو پيار کپي.

دنيا جي نـــ ”آشا“ ڪائي آ،
بس تنهنجي پياس سدائـــي آ.

دادل شاهه جي آرتي

جئہ جئہ دادل شاه جئہ جئہ دادل شاه.
سنڌ ۾ وني اَوتار تون آئين، هيڻن جا همراه.

برهم گياني، برهم ڌياني، برهم جو تون سؤروپ،
درشن ڪئي دک دور ٿيا جن تہ رکيو ويساه.

جيوَ ديا جي جوت جڳائي، پکين پسن کي پريم،
دکين بکين جي سار لڌي، تون بيواهن جي واه.

ڪروڙا جون تون ساگر، ڀڳتيءَ جو ڀنڊار،
سمرٿ شيوا سنيہ سنيهہ جي تو تہ بنائي راه.

پريم جا پشپ مان چاڙهيان اڙڪن جي مالها،
ڏوپ ڏيان جو ٻاريان درشن جي آ چاه.

گرونانڪ جيان صورت نمائي، نوُراني تون نوُر،
ميران جهڙي ڀڳتي پاونا، پريم ديا تہ اَٿاه.

ميران پومي ليلا پومي، رنگ رچايا تو،
تيرٿ استان آهي هاڻي تي آهي درگاه.

آرتي پريم سان ڳايون دادا تنهنجي در،
انجلي "آشا" واہ سدا ڪن مهر جي ڪر تون نگاه.

شهيد ڀڳت ڪنور رام صاحب

ڀڳت شرومڻي سنڌ جا سنت سونهارا ڪنور رام،
جر وارن جا جانب جوڳي، تو پيتو شهادت جام.

لوُلن، لنگڙن، گونگن، ٻوڙن جي لڌءِ سار سردار،
پر اُپڪاري سنت تون، وڃان وار وار ٻلهار.

بيواهن جي واهه هئين، تون اُڙين جو آڌار،
مسڪينن جو متر هئين، تون محب مٺا مننار.

تاثير هيو تنهنجي راڳ ۾ ٽيا پٿر ٻي پاڻي،
ٽٽل دلين کي سيٽل ڪيو، تنهنجي امرتميه واڻي.

نپٽن کي تو پٽ ڏنا، ڪيئه ڪارج تن جا راس،
جو سڪ - صدق آيو رکي، ڪين ٿيو سوئي نراس.

جيڪي تنهنجي در تي آيا، پريمي ”آشا“ سوالي،
پلو پائي تن جا، ڀريئه جهول سڀن خالي.

ڳانءِ ماتا

ڳانءِ اَسان جي آهي ماتا،
رشين منين ڳڻ جنهن جا ڳاتا.

کير ڳانءِ جو اَمرت آهي،
ڇو ڀي هرگز ڪين وڃائي.

ڳانءِ جو ڇيڻو آ قلدائڪ،
ڳئونڌ ڳانءِ جو آ سکدائڪ.

ڪرشن کي هيون ڳانيون پياريون،
مرلي منوهر ڳانيون چاريون.

ڳانءِ جو پڇ جو منهن تي لڳائي،
ٻرو نہ سپنو تنهن کي ستائي.

جيڪو ڪري ڳانءِ جي هيوا،
پڙيو ڏيندو تنهن کي ميوا.

پيارين ڳائين

ڳائيون ڪرشن جون پياريون،
اڇي پاڻ موهن چاريون.

(۱)

ماتا روپ آهن ڳائيون،
گڻ گيت سندن ڳايون،
ڪري سيوا تن جي اسين،
اچ ورت سندن ڌاريون؛
ڳائيون ڪرشن جون پياريون.

(۲)

ڏين امرت جي ڌارا،
دک دور ٿين سارا،
ڪامڌينو ٻه روپ سندن،
ڌرم موڪش ڏيڻ واريون.
ڳائيون ڪرشن جون پياريون.

(۳)

ڀارت کي اُڌڻ چاهيو،
هند شاد ڪرڻ چاهيو،
ڪريو رکشا ڳائين جي،
اچو فرض "آشا" پاڙيون.
ڳائيون ڪرشن جون پياريون.

سوچي ھل

بندا! سوچي ھل ھر وار،
ڏاڍي صاحب جي سرڪار!

(١)

آھي ويا پڪ سائين گھٽ،
ڙو ڙو جو آ ليکو جنھن وٽ،
آھي جاٽي جاٽھار، بندا سوچي...

(٢)

اَک پوکيندين اَک کائيندين،
انب پوکيندين انب پائيندين،
سڀ ڪرمن جو ونوار، بندا سوچي...

(٣)

ڪٽج سنيالي پير پير تون،
سڀ جو پيارا گھرج خير پون،
ساکي سڀ ۾ سرجٽھار، بندا سوچي...

(٤)

سياٽپ سائينءَ وٽ نا ھلندي،
"آشا" ڪنھنجي ھلندي نہ پڄندي،
خدا آھي خود مختيار، بندا سوچي...

سنت بابا هرداس رام

١. جانب هو جاڳائڻو جو بابا هرداسرام،
اَنهيءَ ڀير اندر ۾ ڇپائين پريوءَ جو نام،
پاتائين سک آرام، سمجهيو سک پت سيج تي.

٢. ستگر سنت ڪنوررام ڏنس نام جو دان،
ڪري مهر سندو اَحسان لالون لال ڪري ڇڏيو.

٣. بابا هرداسرام تيو مستيءَ ۾ مخمور،
چمڪيو منجهس نور، نوراني تہ اَللہ جو.

٤. شيوا ڪندي گرن جي تيو شاهي تنهنجو شان،
اَڄ سوين وڃن قربان بابل تنهنجي نانو تان.

٥. نمرتا جي مورتي، تو پائي حليميءَ جو هار،
ڏنئہ سڀن کي پيار، جانب تو جاڳائڻو جاءِ.

٦. اَچن هزارين سوالي، اَڄ بابل تنهنجي در،
جهوليون خاليون تن جون، سدا سايون ڪر،
پالهو پاند تون پر، "آشا" آسائن جو.

بگڑا کام بنادي

میرا بگڑا بنادي تو کام،
آیا تیري شرݨ م رام۔

۱۔ گنگا یمنا مئن نهین جائون،
نش دن تیرا ڈیان لگائون،
تیري چرٹون م چارون ڈام،
میرا بگڑا بنادي تو کام۔

۲۔ تو کاٹون کو قول بناتا،
ڈوبي نئیا پار لگاتا،
هم پاؤن تیرا نام،
میرا بگڑا بنادي تو کام۔

۳۔ پٹک پٹک کر جیون بیتا،
گیان سنا نهین من کو جیتا،
کیسي پائون مئن وشرام،
میرا بگڑا بنادي کام۔

درشن کي پياسي

تيري درشن کي مئن پياسي،
مجھي اپني انگ لگاسي،

(۱)

من کي ويتا مئن کسي سنائون؟
تجھ بن کس کي پاس مئن جائون،
جنم جنم سي پتک رهي هون،
کاٽو جنم مرڻ کي ڦاسي، تيري درشن...

(۲)

تجھ بن پريتم مئن هوُن اپاگن،
تيري سات بنونگي سهاگن،
ديا کرو توُ ديا کي ساگر،
تيري چرن کمل کي داسي، تيري درشن...

(۳)

توُ جو مجھ سي روٺ گيا هئ،
دنيا سي من اوب گيا هئ،
نش دن بهتي گنگا يمنا،
هئ "آشا" چائي اداسي، تيري درشن...

کب درشن دوگي

کب درشن دوگي مراري،
مٹن برهه کي ماري ماري۔

۱۔ رو رو کي مٹن آنکي بچائون،
من مندر م تمهين ديائون،
سواس سواس م تمهين پکارون،
يون بيتي جيون ساري؛ کب درشن...

۲۔ جل بن تڑپت مين هئي جئسي،
تجهه بن ويئت مٹن هون وئسي،
ترشت کي تم پياس بجهائو،
اَب آن ملو گردهاري؛ کب درشن...

۳۔ جيون جيوتي بجهه جائيگي،
کروڻا تمهين کيا تب آئيگي،
مٹن نه رهونگي ميري پسم مليگي،
تو لوٹ جائوگي بهاري؛ کب درشن...

۴۔ "آشا" کي اپڻون م آئو،
سنيهه سدا آکر برسائو،
تيري انوکمپا سي هوگي،
پلوتی پشپت کياري، کب درشن...

سبارام جپو

سيارام جپو من پياري،
جو سگلي دوک نواري،

(١)

رات اماوس کي هئہ انديري،
ڈوب رهي هئہ نئيا ميري،
رام هي پرّ سندو سي تاري،
سيارام جپو من پياري!

(٢)

رام کا نام امولہ موتي
رام کا نام انوپم جيوتي
انتر باهر هوُ اُجياري
سيارام جپو من پياري

(٣)

رام کي نام سي پتر تر گئي،
خالي جهولي "آشا" پر گئي،
جو آيا اُنکي دواري،
سيارام جپو من پياري۔

روٹ گئي کيون مان

روٹ گئي کيون مان!
توُ مجهه سي روٹ گئي کيون مان!

١. مئن تيرا ماتا هون بالک،
تو هي ساري جگ کي پالک،
تجهه بن کوئي نهين سهارا!
جائون تو امبي کهان؟
روٹ گئي کيون مان!

٢. درشن اپنا کيون نهين دکاتي،
ياد کرون مئن دن اور راتي،
کميا کرو بولين بالک کي،
دو درشن کا وردان!
روٹ گئي کيون مان؟

٣. جيه ديوي جيه درگا جيه جيه،
توُ تو دک هرتي آنند ميه،
آکر سديهه سدا برساتو،
جگ دمبا جگ دمبا مان۔
روٹ گئي کيون مان!

میري پریتم آئو

اب پریتم میري آئو،
آ پریم کي بین بجائو۔

١۔ تجهہ سي مئني مکڙا موڙا،
جگ سي مئني ناتا جوڙا،
موهہ کي جال م ڦنس گیا هون،
تو اس سي مجهي چڙائو،
اب پریتم میري آئو۔

٢۔ پاون تیرا نام مئن گائون،
تیرا هي مئن ذیان ذیائون،
سؤ کو کوکر تجهکو پائون،
تو اپني شرڻ لگائو،
اب پریتم میري آئو۔

٣۔ سوک رهي جیون کي لتا هئي،
پریم کا پاني نهین ملتا هئي،
ٹل جائي "آشا" یهہ پتجهڙ،
تو سنیهہ سدا برسائو،
اب پریتم میري آئو۔

نارد ڀڳتي سوتر

۱. ٻڌو آءُ ڀڳتيءَ جي وياکيا ٻڌايان،
پرم پريم جي آءُ مهما تو ڳايان.

۲. پرم پريم روپ آهي ايشور جي ڀڳتي،
ملي جيوَ کي جنهن مان ٿي پيئي مڪتي.

۳. اِها ڀڳتي اَمرت جو سوروپ آهي،
ڇڏي واسنائون ٿي مڙئي مٽائي.

۴. پيئو پريم جو جنهن هي اَمرت ته آهي،
اُهو سڌ ۽ ترپت اَمر پد کي پائي.

۵. جنهن پريما ڀڳتيءَ جي وتي اوت آهي،
نه تنهن کي ڪڏهن ڪابه اِڇا ستائي.

۶. جاڻي مام ڀڳتيءَ جي، آتم ۾ استٿت،
رهي مگن ڀڳتيءَ ۾ آنند سدا چت.

۷. بنا ڪامنا جي آهي پريما ڀڳتيءَ،
نروڌ تياڳ روپي سچي پريو ڀڳتي.

۸. سنساري ۽ ويدڪ ڪرمن جو تياڳ،
چئجي نروڌ تنهن کي ٻيارا تون جاڳ.

نهین پایا درش

مٹ گیا جیون سارا،
نهین پایا درش تمهارا۔

۱۔ یوگي هوکر یوگ کمایا،
انگ بهبوت لگایا،
رها پریم کا دور کنارا!
مٹ گیا جیون سارا!

۲۔ تجهه بن میرا کوئي نهین هے!
جیون نئیا ڈوب رهي هے!
اب آئو کیون هارا!
مٹ گیا جیون سارا!

۳۔ سوارت کي سب سنگي ساتي،
مایا سب کو هے برماتي،
"آشا" جوتا هے جگ سارا!
مٹ گیا جیون سارا!

۱۴. وهنوارڪ ڪرم ڀڻ وڌيءَ سان ڪجي،
نه وسِين ۽ هرگز ڀي آسڪت ٿجي.
ڀوڄن ڪرم ٻيو ڀيو نه ٿيندو تيسين،
شريو آهي پيارا جڳت ۾ نه جيسين.

۱۵. مان ڀڳتيءَ جا هائي ٿو رايا سڻايان،
آءٌ ڀِن ڀِن متن جا ٿو لکشڻ ٻڌايان.

۱۶. ڀرڀوءَ جي لوڄا ۾ سچو پريم ڀڳتي،
پاراشر جي موجب اِها آهي ڀڳتي.

۱۷. ڀرڀوءَ جي ڪٿا ۾ هجي جي پريتي،
رشي گرڳ موجب اِها آهي ڀڳتي.

۱۸. آتم روپ ۾ اَستت رهڻ ۾ لين،
رشي شانڊليه موجب ڀڳتي اعليٰ ترين.

۱۹. ڀرڀوءَ کي سڀئي ڪرم اَرپڻ ڪجن،
جي ڀلجي وڃي هوُ نه لڙڪ لاڙجن،
ٿو نارد اِها ڀڳتي وياکيا ڪري،
هلي راهه اُن تي جڳت مان تري.

۲۰. حقيقت ۾ آهي اِها سچي ڀڳتي،
جڏهن جيو ڀنهنجي متائي ٿو هستي،
ملي برهم سان برهم روپ ٿئي ٿو،
جنم ۽ مرڻ جي چڪر کان ڇٽي ٿو.

۹. وهنواري وشين ۾ اُداسينتا،
انهيءَ پريو پريم تليندا،
اِهو پيو آهي نروئ پيارا تون جاڳ!
لڳاءِ چت چيتن ۾ ڪلپي تنهنجو ڀاڳ.

۱۰. اُڇها آسرا راهون سڀئي ڇڏي،
جڏهن جيو مالڪ سان من تو گڏي.
ڏري ڏيان هڪ جو منهن مايا کان موڙي،
اِهو انهيءَ پريم پريوءَ سان جوڙي.

۱۱. اڇا ايش انڪول ڪرڻ ڪرم گهرجن،
سي وئدڪ ڪرم چاهي دنيوي هجن،
سڀ آ اِهــا ئـــي اُداسينتا،
چون پــاؤ ان ڪـي تـــا تليندا.

۱۲. پريو پريم جو نشو من ۾ ٿئي،
تڏهن پڻ شاسترن جي آگيا ۾ رهي.
بتايل ڪرم شاسترن ۾ جي آهن،
ڪري ڪرم اَرپڻ پريوءَ کي تہ پائن.

۱۳. جو شاسترن جي نيمن جو پابند ناهي،
اُنهيءَ جي ڪرڻ جو انديشو تہ آهي.

٢٨. ڪن آچارين جو اهو سڌانت آهي،
ته ڀڳتيءَ جو ساڌن گيان ئي ته آهي.

٢٩. ڀڳتي گيان پرسپر آڌارت ئي آهن،
ڪي آچاريه اهو مت ٿا ٻڌائن.

٣٠. برهما جي سپوتن جو سڌانت آهي،
ته پريما ڀڳتي ئي ڦل روپ آهي.

٣١. راجا، محل ۽ ڀوڄن کي ڏسڻ سان،
نه ترپت ٿئي من ٿو تن کي پسڻ سان.

٣٢. جڏهن گهرو سنبنڌ ٿو راجا سان رکجي،
تڏهن سنڌس ڪرپا جو ٿو پاتر ٿجي.

٣٣. جي چاهن ٿا دنيوي خواهشن کان مڪتي،
ڪرڻ گهرجي حاصل انهن کي به ڀڳتي.

٣٤. آچاريه ڀڳتيءَ جا اُپاءَ ٿا ٻڌائين،
پانڊيتن کي پريوءَ جو پٿ ٿا ٻتائين.

٣٥. وشين جو تياڳ ته آهي ضروري،
۽ سنگ تياڳ پڻ ڏاڍو آهي ضروري.

٣٦. اکنڊ ڀڄن ڀڳتيءَ جو آهي ته ساڌن،
ڪندي نام سمرڻ لڳي نام سان من.

۲۱. جنهن پريم گوپين کي ڪرشن جي لاءِ،
تنهن ڀڳت کي پريم جي راهه جڳاءِ.

۲۲. مهاتم نه موهن جو گوپين وساريو،
حجت ساڻ هلندي اکين آب هاريو،
ورهه ۾ ويڳاڻيون ڪرشن کي پڪاريو،
اُنهيءَ ڀر من ۾ موهن کي سنڀاريو.

۲۳. ڪُوڙا پريمي سوارٿ سبب پريم ڪن ٿا،
لٿو ڪم ته پوءِ منهن ماڳهين مٽن ٿا.
سچا پريمي پرڀوءَ جي مهما کي ڄاڻن،
ٿا ڪن پيار پرڀوءَ کي آنند ماڻن.

۲۴. سچو پريمي پريتم جو سک ڀرين چاهي،
نه ڪا چاهنا هن کي پنهنجي ڪا آهي.

۲۵. اِها پريما ڀڳتي ته سرو اُتم آ،
ڪرم گيان ۽ يوگ کان ڀي اُتم آ.

۲۶. اِها ڀڳتي ساڌن ته، ڦل روپ آهي،
ٿي پريميءَ کي پرڀُوءَ سان جلدي ملائي.

۲۷. آهي دينتا نمرتا پرڀُوءَ کي پياري،
وڻي ڪين ايمان هن کي اهنڪاري.

٤٦. ترڳ ڪير مايا جي ساگر منجهان ٿو؟
ڪري تياڳ ٿو جو نہ سيئي سنگن جو.

٤٧. جو ايڪانت آستان تي أي رهي ٿو،
جو سنساري بندنن کي ٽوڙي ڇڏي ٿو،
جو يوگ ۽ کيم جو تياڳ ڪري ٿو،
جو ٽنهي گڻن کان نہ رهي ٿو پوي،
سوئي ڀڳت مايا جـو ساگـر تري.

٤٨. جو ڪرمن کي تياڳي ڪرم ڦل تياڳي،
جو سڀ ڪجهہ تياڳي پر ڀوءَ لاءِ جاڳي،
سدائين جو سک دک کان آهي پري،
سوئـي ڀڳت مايا جو ساگر تري.

٤٩. جو ويدن جو پڻ تياڳ پي ٿو ڪري،
اکنڊ پيار پر ڀوءَ جو پراپت ڪري،
سوئي ڀڳت مايا جـو ساگر تري.

٥٠. اُهڙو ڀڳت پريمي تري ٻين کي تاري،
پيئي پريم-اُمرت ۽ ٻين کي پيئاري.

٥١. سچو پريم پـرماتما روپ آهـي،
ڪرڻ بيان تنهن جو نہ ممڪن أي ناهي.

٣٧. جڳت ۾ پرڀوءَ جا ٻڌڻ گڻ ٻڌائڻ،
آهي هي ٻــ ساڌن گڻاواد ڳائڻ.

٣٨. تڏهن منش کي ڀڳتي پراپت ٿئي ٿي،
سنتن ۽ ايشور جي آسيس ٿئي ٿي.

٣٩. سلڀ سنگ سنتن جو پيارا نه آهي،
نصيبن سان تن جو ڪو درشن ٿو پائي.

٤٠. پرڀوءَ جي ڪرپا سان اهو سنگ ملي ٿو،
ڀليل جيوَ جو ڀاڳ جهٽ پٽ کلي ٿو.

٤١. ڀڳوان ۽ ڀڳتن ۾ انتر ڪو ناهي،
ڀڳت برهم جــو نت روپ آهي.

٤٢. پرڀوُ پراپتيءَ لاءِ سنگ ضروري،
آ ستسنگ جي ساڌنا رنگ ضروري.

٤٣. ڪسنگ کان سدائين ته پاسو ڪجي،
انهيءَ راهه مان پــاڻ آجو ڪجي.

٤٤. ڪسنگ ڪروڌ ڪام موهه پيدا ڪري،
سمرتي ٻــڌي ٿو ختم سڀ ڪري.

٤٥. وڪار ترنگين جيان پيدا ٿين ٿا،
وڏي سي وڏي سمنڊ روپ ٿين ٿا.

٦٠. سچي ڀڳتي شانتيءَ جو سوروپ آهي،
پرم پريم آنند جو روپ آهي.

٦١. سنساري ويدڪ ڪري ڪرم ارپڻ،
ڀڳت تو ڪري ڀاڻ پرڀوءَ سمرپڻ،
ڀڳت کي نہ هاڃيءَ جي چنتا جڳائي،
نہ ڪنهن ڳالهہ جو شوڪ هن کي ستائي.

٦٢. سقلتا ڀڳتيءَ ۾ ملي ناهي جيسين،
مناسب ڇڏڻ ناهي وهنوار تيسين،
ڇڏي ڇاهنا ڦل جي، ڀڳتي ڪجي،
جڏن من پرڀوءَ جي چرنن ۾ لڳي.

٦٣. ذڪر ڪامني ڌن جو هرگز نہ ٻڌجي،
سدا ناستڪ کان پري پڻ ٿجي،

٦٤. اڀمبر کان پاسو هميشهہ ڪجي،
ڪڏهن ڀي نہ اهنڪار من ۾ اچي.

٦٥. سڀ ئي ڪرم ارپڻ ڪرڻ بعد ڀي،
اچي ڪام ايمان موہ ڪروڌ جي،
تہ ارپڻ ڪجن سي بہ ڀڳونت کي.

٦٦. ٽن روپن کي ٽوڙي ڪجي داسہ ڀڳتي،
سدائين ڪجي پريم سان ڪانتا ڀڳتي.

۵۲. جڏهن گونگو ڳڙ کائي پرسن ٿئي ٿو،
ذڪر پر زبان سان ڪري نا سگهي ٿو.

۵۳. اهڙو پريم ڪنهن ڪنهن ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو،
انهيءَ منش جو ڀاڳ ڀيڙو ڏئي ٿو.

۵۴. اهو پريم گڻ ۽ اڇا رهت آهي،
سدائين وڌي، سوکيم انڀو روپ آهي.

۵۵. اهو پريم وارو پريوءَ کي پسي ٿو،
چوڌاري ان جو ته جلوو ڏسي ٿو،
انهيءَ برهم هڪ جو بيان هو ڪري ٿو،
سمورو سمبد ان جو چنتن ڪري ٿو.

۵۶. گوڻي ڀڳتي گڻ ڀيد ٽن قسمن جي آهي،
ساتوڪي، راجسي تامسي سا سڏائي.

۵۷. اُتم ساتوڪي مديم راجسي آ،
ٽيهي ۾ نمن ڀڳتي ته تامسي آ.

۵۸. آ سيني اُپاون ۾ ڀڳتي ته سهنجي،
آهي گيان ۽ يوگ جي وات اهنجي.

۵۹. ڀڳتي پاڻ پنهنجو ئي پرماڻ آهي،
ضرورت ان لاءِ ٻي پرماڻ جي ناهي.

٧٣. سڀئي ڀڳت ڀڳوان جا اُئي ته آهن،
اُچن شرڻ جيڪي پرم پد سي پائن.

٧٤. واد واد سونهين نه ٿي ڀڳت کي،
ٻڙي ٻهت کان رهڻ گهرجي ڀڳت کي.

٧٥. واد وواد مان وڌاءُ ٿئي ٿو،
گڏوگڏ وڌاءُ مان شڪ پڻ وڌي ٿو.

٧٦. ڀڳتي شاسترن جو مڃڻ آ ضروري،
ڪرم سي ضروري وڌي ڀڳتي پوري.

٧٧. سک دک، اڇا لاڀ جو تياڳ ٿئي،
نه پل هڪڙو غفلت ۾ گهارڻ کپي،

٧٨. ستيه اهنسا سوچ ديا ضروري،
ڪرڻ پالنا شڀ گڻن جي ضروري،
ڀڳت لاءِ آهي اها راهه ضروري.

٧٩. سدائين ٿي نشڇنت ڀڳتي ڪري،
سچي ۽ ڀاونا سان ڀڄن تو ڪري،

٨٠. ڀڄن ڪيرتن سان هوءُ پرگهٽ ٿئي ٿو،
۽ ڀڳتن کي هوءُ پنهنجو درشن ڏئي ٿو.

٨١. ٽنهي مارگن ۾ ڀڳتي سريشٽ آهي،
ڀڳتي ۽ جهڙي اُتم ٻي ڪا راهه ناهي.

٦٧. سدا جي رهن ڀڳت ايڪانت ۾،
اهي سريشٽ آهن سدا شانت ۾.

٦٨. ڀنل دل اُپا وار اکڙين ۾ پاڻي،
ڀڳت ۾ اهي گڻ، مڌر هنجي واڻي،
ڪندي روح رهاڻ ڪن پوتر سڀن کي،
ڪن پوتر پرٿوي ۽ سڀن سنبنڌين کي.

٦٩. اهڙا ڀڳت تيرٿن کي سندر بڻائن،
ڪرمن کي سڪرم ست شاستر ٿا ناهن.

٧٠. ڀڳت پرڀوءَ ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا،
ملي سي پرڀوءَ سان سي تدروپ ٿين ٿا.

٧١. جڏهن ڀڳت اهڙا نه ڪل ۾ اچن ٿا،
سندن پتر پرسن تڏهن ڏاڍو ٿين ٿا.
ديوين ديو آنند ۾ نرتيه ڪن ٿا،
سهاڳڻ ٿي پرٿوي، سي ڏن ڏن ٿين ٿا.

٧٢. نه جاتي وديا ڪل سونهن ڀيد آ،
پرڀوءَ وٽ ڪرپا ۽ نه ڏن ڇيد آ،
پرڀوءَ لئه ڪري پاڻ کي جو قربان،
ملي تنهن ڀڳت کي تو ڀڳتيءَ جو دان.

٨٢. يارهن روپ ڌارڻ ڪريٿي هيءَ ڀڳتي،
مهاتم، روپ پوڄا سمرڻ آسڪتي،
داسيه، سکيه، ڪانت، واتسليه آسڪتي،
آتم، نويدن، تنميتا پرم وره آسڪتي.
٨٣. ڪمار ويد وياس شڪ گرگ شانڊليه،
وشنو شيش اوڌو آرڻي ڪونڊليه،
ويشٽ هنومان آچاريه ٻلي،
چون ٿا ته ڀڳتي سڀن کان ڀلي،
٨٤. نارد جي وچن ۾ جي شردا رکن ٿا،
سي ڀڳتيءَ جي مارگ ۾ اڳتي وڌن ٿا،
ملي سي برهم سان سي تدروپ ٿين ٿا،
وري ڪين مايا چڪر ۾ اچن ٿا.
(اصلي سنسڪرت ۾، انوادڪ: ديال "آشا")

ڇپائيندڙ: پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي
راڄ نڪيتن سوسائٽي،
او-ٽي، الهاس نگر - ٤.

ڇپيندڙ: ڪيول ڌرمداس دؤلاڻي
لڪشمي آرٽ پرنٽرس
لاسي سائيڪل ٽريڊرس جي پٺيان،
درگا ماتا مندر جي پرسان،
الهاس نگر - 421003. فون : 71685

آرتي

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش

مهاراجن جي

جئه گر شانتي پرڪاش سوامي ستگر شانتي پرڪاش،
ڌرتيءَ تي اوتار هئين تون اُڀري وئين آڪاش!
برهم نيشٺي برهم شروتري، هئين تون برهم گياني،
انت ويلي ۾ ڌيان مگن تون ستگر هئين ڌياني.
الک پرگٽ تون، ديش پرگٽ تون، گئو رکشڪ سوامي،
دکين بکين جو تون ته سهارو هيٺن جو حامي.
ڪروڻا جو تون ساگر پريم جو تون سروپ،
ديش وديش ۾ رنگ رچايا ليلا تنهنجي انوپ.
پريم پرڪاش منڊل جو چندرما روشن ڪئي تو راهه،
ست نام ساکي منتر ڏيئي ستيه جي ٻڌائي واهه.
سوامي ٽيئونرام جي سکيا گهر گهر ڦهلائي،
سوامي سروانند جي جوتي ستگر چمڪائي.
پريم جا پشپ ٻه ارپيون ڌيان تنهنجو ڌيايون،
جئه جئڪار مـنايون آرتي تنهنجي ڳايون.
شرڌا سان ٽا سيس نوايون سوامي تنهنجي در،
"آشا" عرض ڪري ٿو ستگر سنگت تي ڪرپا ڪر.